# سنڌ ايڪٽ نمبر LVI مجريه 2013
# SINDH ACT NO.LVI OF 2013
# ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (نظرثاني ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE MALIR DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي نظرثاني
Revival of Sindh Act No.XI of 1994

3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act No.XI of 1994

4. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act No.XI of 1994

5. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act No.XI of 1994

6. 1996 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 27 جي ترميم
Amendment of section 27 of Sindh Act No.XI of 1996

7. تحفظ
Saving

# سنڌ ايڪٽ نمبر LVI مجريہ 2013
# SINDH ACT NO.LVI OF 2013
# ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (نظرثاني ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE MALIR DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

[19 ڊسمبر 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي سان لاڳاپيل قانون تي نظرثاني ڪئي ويندي ۽ ان کي بدلايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ هائوسنگ انڊسٽريءَ کي تيزي وٺرائڻ ۽ ان جي همت افزائي ڪرڻ ۽ صوبي جي عوام کي اجهو فراهم ڪرڻ لاءِ، اهو مصلحت مطابق آهي تہ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 تي نظرثاني ڪئي وڃي ۽ ان ۾ ترميم آندي ويندي؛

جنهن ڪري هن ريت جوڙي لاڳو ڪيو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (نظرثاني ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

(2) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI تي نظرثاني
Revival of Sindh Act No.XI of 1994

2. ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993، جولاءِ 2002 جي پهرين ڏينهن کان نظرثاني ٿيل ڄاتو ويندو، جيئن جهڙوڪ اهو ڪڏهن بہ بدلايو نہ ويو هجي ۽ نظرثاني ڪانپوءِ ان

ڪي ساڳيو ايڪٽ چيو ويندو.

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act No.XI of 1994

3. ايڪٽ جي دفعہ 2 ۾ شق (f) کانپوءِ هيءَ نئين شق شامل ڪئي ويندي:۔
”(ff) ”ڪنساليڊيشن آف لينڊ“ جو مطلب آهي ڪنهن اسڪيم جي مقصد لاءِ ان جي پلاٽن کي متاستا يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ترتيب ۾ رکڻ.

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act No.XI of 1994

4. ايڪٽ جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيءَ نعم البدل ٿيندو:۔
”(1) اٿارٽيءَ جي جوڙجڪ:۔ اٿارٽي مشتمل هوندي:۔

| | | |
|---|---|---|
| (a) | لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمينٽ ائنڊ هائوسنگ ٽائون پلاننگ جو وزير. | چيئرمين |
| (b) | حڪومت طرفان نامزد ڪيل صوبائي اسيمبلي جو مقامي ميمبر. | ميمبر |
| (c) | لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمينٽ ائنڊ هائوسنگ ٽائون پلاننگ سنڌ جو سيڪريٽري. | ميمبر |
| (d) | ڪمشنر ڪراچي | ميمبر |
| (e) | ڪراچي واٽر ائنڊ سيوريج بورڊ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر | ميمبر |
| (f) | ملير ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل | ميمبر/ سيڪريٽري |
| (g) | حڪومت طرفان نامزد ڪيل ٻہ | ميمبر |

ماڻهو (هڪ ٽيڪنوڪريٽ ۽ هڪ
سول سوسائٽيءَ مان)

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act No.XI of 1994

5. ايڪٽ جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ شق (iii) کانپوءِ هي نئين شق شامل ڪئي ويندي:-
"(iii_a) ڪنهن زمين کي اهڙي ترتيب ڏيڻ جيئن قاعدن ۾ ڄاڻايو ويو هجي."

1996 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 27 جي ترميم
Amendment of section 27 of Sindh Act No.XI of 1996

6. ايڪٽ جي دفعہ 27 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 جي لاڳاپيل گنجائشن مطابق زمين حاصل ڪرڻ" کي لفظن "اٿارٽيءَ طرفان" سان مٽايو ويندو.

تحفظ
Saving

7. اٿارٽيءَ طرفان سمورا جاري ڪيل حڪم، ڪيل ڪارروايون، ڪيل مقرريون، ورتل قدم، يا ڪنهن شخص طرفان جولاءِ 2002 جي پهرين ڏينهن ۽ هن ايڪٽ لاڳو ٿيڻ (بشمول ٻئي ڏينهن) ڪنيل قدم ۽ ڪيل ڪم جيڪڏهن ڪنهن ڪورٽ جي فتويٰ جي برعڪس نہ آهن، تہ سمجهيو ويندو تہ اهي ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 مطابق درست قدم کنيا ويا آهن، حڪم جاري ڪيا ويا آهن ۽ انهن تي ڪنهن ڪورٽ يا ٻئي هنڌ تي ڪنهن بہ بنياد تي سوال نہ اٿاريو ويندو.

**نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**